YPL72A

پڙهو. ڳايو.

# ۹ - پکي

صبح سويلو پَکي اَچن ٿا،
منڙي منڙي لاتِ لنون ٿا.





ڪانوَ ڪبوتر جهرڪيون طوطا،
رنگ برنگي پکي سونهن ٿا.

ٻوندي رکون يا جوئِر ٻاجهري،
داڻو داڻو ڪري چُڳن ٿا.

ميلُ ميلاپُ ٿنِ پاڻ ۾ ڪيڏو،
هڪ ٻئي کي هو سڏڙا ڪن ٿا.

پياسا پري کان اَچن اُڏامي،
اَچي پاتِ مان پاڻي پيئن ٿا.

هِتِ هُتِ ويهنِ وَڻَن ٽِڻنِ تي،
ٻارن وانگر نچن ٽِپن ٿا.

سانجهيءَ ٽاڻي پکي وَڻنِ ۾،
وڃي اَجهي ۾ آرام ڪَنِ ٿا.

ديا ڪرڻ سان دُعا ملي ٿي،
’آشا‘ برڪت پکي وجهن ٿا.

**نوان لفظ:**

سوُنهن = وڻنِ
چُڳنِ = کائن
ميل ميلاپ = ايڪتا
پياسا = اُڃايلَ
سانجهي = شام
ٽاڻي = وقت
دُعا = آسيس.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) پکي ڪهڙي وقت لاتِ لِنون ٿا؟
٢) چئن پکين جا نالا لکو.
٣) ٻارن وانگر پکي ڇا ٿا ڪن؟
٤) پکي آرامي ڪڏهن ٿين ٿا؟

**سوال ٢- خال ڀريو:**

١) ------ رکون يا جوئر ٻاجهري.
٢) اَڇي ----- مان پاڻي پيئن ٿا.
٣) ----- ٽاڻي پکي وڻن ۾.
٤) ديا ڪرڻ سان ----- ملي ٿي.

**سوال ٣- بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

١) صبح سويلو -------------------------------------------- لاتِ لِنون ٿا.
٢) ٻوندي رکون -------------------------------------------- چُڳَڻِ ٿا.
٣) هِتِ هُتِ -------------------------------------------- نچن ٽپن ٿا.
٤) ديا ڪرڻ سان -------------------------------------------- پکي وِجهن ٿا.

**سوال ٤:- ضد لکو:**

منڙي، رنگ بي رنگي، ڀري، سانجهي،

**هدايت:** ماستر هيءُ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
**مشغولي:** ماستر شاگردن کي چوندو ته ’طوطو‘ پکيءَ تي پنج جملا گهران لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند مان مشغوليون**

سانجهي ٽاڻي -------------------------------------------- پکي وجهن ٿا.

**(الف) بيت جي سٽن مان مناسب لفظ ڳولهيو جن جو لاڳاپو هيٺ ڏنل لفظن سان هجي.**

١) آکيڙو    ٢) وقت    ٣) واڌارو    ٤) رحم

**(ب) سوالن جا جواب لکو:**

(الف) ڪوتا جي شاعر جو نالو لکو.
(ب) اَجهو لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ لکو.
(ء) دُعا لفظ جو ضد لکو.

**(٢) پکي به قدرت جي سونهن آهن. پر اَڄ جي ماحول ڪري ڪيترن پکين جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. توهين پنهنجي پسگردائيءَ ۾ پکين جو تعداد وڌائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺندا؟ لکو.**

# پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

۱. سوال ڏسي جواب لکو (سڀ جواب 'ڪ' اَکر سان شروع ٿيندڙ آھن)

| سوال | جواب |
| --- | --- |
| ھڪ ڀاڄي | |
| ھڪ نرتيہ | |
| ھڪ سنڌي مھنو | |
| آسٽريلا جو جانور | |

| سوال | جواب |
| --- | --- |
| ھڪ ڌارمڪ تيرٿ اِستان | |
| ڀُٽيءَ جو ڪنڊو | |
| وقت جو ھڪ اِيڪو | |
| ھاريءَ لاءِ ٻيو لفظ | |

۲. ھيٺ خاڪي ۾ مھاراشٽر راڄيہ جي ڪجھ ضلعن جا نالا ڏنل آھن.
ڪي بہ ڇھہ ضلعا چونڊي نالا لکو:-

| | | | | | | |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| اَ | ڪو | لا | - | را | ٿا | ضلعا |
| م | لھا | تو | - | ء | ٽي | |
| را | پو | ر | تنا | گ | ري | |
| و | ر | پُ | ٽي | ڙ | - | |
| تي | وا | ر | ڌا | - | - | |
| نا | ش | ڪ | جا | ل | نا | |
| - | م | - | - | - | - | |